SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 1975

# SINDH ACT NO.III OF 1975

# سنڌ شهري غير منقوله جائيداد ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1975

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. مغربي پاڪستان ايڪٽ V مجريه 1958 جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 27 of West Pakistan Act V of 1958

3. سنڌ آرڊيننس XIX مجريه 1974 جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance XIX of 1974

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1975

# SINDH ACT NO.III OF 1975

# سنڌ شهري غير منقول جائيداد ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1975

# THE SINDH URBAN IMMOVABLE PROPERTY TAX (AMENDMENT) ACT, 1975

[22 مارچ 1974]

سنڌ شهري غير منقول جائيداد تي ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ وڌيڪ ترميم جو ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ شهري غير منقول جائيداد تي ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾ هيٺين ريت وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

جنهن ڪي هيٺين ريت عمل ۾ آندو ويندو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ شهري غير منقول جائيداد ٽيڪس (ترميم) ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) هي هڪدم لاڳو ٿيندو.

مغربي پاڪستان ايڪٽ V مجريہ 1958 جي دفعہ 2

2. سنڌ شهري غير منقول جائيداد تي ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعہ 3جي ذيلي دفعہ (3-A) ۽ (3-B) جي لاءِ، هيٺين ريت تبديلي آندي ويندي:-

| | |
|---|---|
| “(3_A) محصول لڳايو ۽ وصول ڪيو ويندو انهن عمارتن، ايراضي ۽ ڪنهن حصي تي جيڪي واپاري ۽ صنعتي مقصد لاءِ جڙيل آهن، ان تي هيٺين شرح جي بنياد تي ٽيڪس لڳايو ويندو”. | جي ترميم<br>Amendment of section 27 of West Pakistan Act V of 1958 |
| (i) تجارتي بنياد تي: ڏهه پئسا في اسڪوار فٽ ڪورڊ ايراضي | |
| (ii) صنعتي بنياد تي: پنج پئسا في اسڪوائر فٽ ڪورڊ ايراضي | |
| بشرطيڪ ڏنل عمارتن يا زمينن جن جو رقبو “120” اسڪوائر گز تائين ۽ واپاري بنياد تي “400” اسڪوائر گز يا صنعتي بنياد تي مشتمل هوندو. | |
| 3.سنڌ شهري غير منقول جائيداد تي ٽيڪس (ٻي ترميم) آرڊيننس، 1974 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | سنڌ آرڊيننس XIX مجريه 1974 جي منسوخي<br>Repeal of Sindh Ordinance XIX of 1974 |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**